# سنڌيت جي فراخدليءَ وارو خزانو- هندوستان لاءِ نعمت

۱۹۴۷ع وارو ورهاڱو ڀارت جي اتهاس ۾ دل کي هڪ گهرو ڏڪو ڏيندڙ واقعو آهي! پنجاب ۽ بينگال کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو، پر سنڌ پرانت سڄي جو سڄو هندوستان کان کسجي ويو ۽ سنڌي هندن کي نراش من سان پنهنجي اَبن ڏاڏن جي زمين ڇڏي هميشه لاءِ لڏڻو پيو. ان سان ملندڙ جُلندڙ مثال يهودين جو آهي، جن کي پڻ پنهنجي ديش مصر جي پراچين زمين ڇڏڻي پيئي هئي. هرکو محسوس ڪري سگهي ٿو ته انسان ذات جي ايتري وڏي ۾ وڏي اُٿل پٿل خطرناڪ ۽ حيبتناڪ درگهٽنائن جو باعث ٿي سگهي پئي! پر سنڌين سان اِئين ڪونه ٿيو! هوُ پنهنجي بي تحاشه صبر، محنت ۽ اَورچائيءَ سان نه صرف هڪ فينڪس پکيءَ جيان پنهنجي ئي خاڪ مان وري پيدا ٿي اُڀري آيا، پر هنن پنهنجي وهنوار سان هند جي ٻين جاتين ۾ پڻ اوچو اِسٿان حاصل ڪيو!

توهين جيڪڏهن سنڌي جاتيءَ جي تاريخ تي نظر وجهندا ته پليءَ ڀانت ڏسي سگهندا ته هي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ ۾ بيحد محڪم اِرادو رکندي پنهنجي چاه وارو هر مقصد حاصل ڪريسگهندا آهن. پوءِ ڀل اهو وڻج واپار جو ميدان هجي يا آجيوڪا لاءِ ڪهڙي به مشغولي؛ تعليمي کيتر هجي يا وگيان؛ بچاءُ کاتو هجي يا راجنيتي؛ قانوني کيتر هجي يا سنيما ۽ ڪلا ڪرتي؛ هو هرهنڌ پنهنجو پاڻ موکيندا ۽ اَڳرا نظر ايندا! هنن لاءِ ڪا به ڳالهه ڏکي ڪانه آهي ۽ نه ئي ڪو پيچيده ۽ سخت اُلجهن وارو ماحول کين روڪي سگهندو! مون برازيل ۽ اميزن جي وچ ۾ مناس جي مکيه بازار ۾ به سنڌين جا وڏا وڏا ڊپارٽمينٽل اِسٽورس ڏٺا آهن، ڪينري آئليند ۾ سنڌين جون بينڪون ڏٺيون

آهن، مئڊرڊ ۾ بارسلونا ۾ تمام وڏا ۽ ڪامياب ڪاروبار ڏٺا آهن؛ سنڌي توهان کي اُتر توڙي ڏکڻ آفريڪا، لئٽن آمريڪا جي ملڪن، ويندي اَئنٽارٽڪ، ٽيرا ڊيل فيوگو ۽ دور دراز چلي ۽ وارن حصن ۾ پڻ ڏسڻ ۾ ايندا!

هن جاتيءَ ۾ پيار ۽ محبت جو هڪ زبردست جذبو آهي، جنهن تي مون کي رشڪ ٿي رهيو آهي! هوُ هرهنڌ پاڻ سمائي ڇڏڻ جي ڪيفيت سان هندوستان جي کهڙي به حصي ۾ پاڻ کي ٺانئيڪو پائيندا آهن. هنن کي ٻين جو من جيتڻ جو هڪ عمده آرٽ آهي، جنهن سان هنن سڄي دنيا پنهنجي ڪري ورتي آهي. بي-گهر ۽ جڙن کان اُکڙيل سنڌي جاتي، صرف سٺ سالن ۾ ئي هندوستاني سماج جي ڪيترين طاقتن جو نشان بڻجي چڪي آهي. اِنسان ذات جي هڪجهڙائيءَ ۾ وشواس ۽ ڇوت ڇات کان پري سندن سنڌيت جي فراخدليءَ وارو خزانو، هندوستان لاءِ هڪ وڏي نعمت آهي.

منهنجي پياري دوست رام جوَهراڻيءَ جاتيءَ جي ان ’ڪڏهن به نه مرڻ‘ واري جذبي کي هن دلچسپ ڪتاب ’سنڌي سرويچ‘ معرفت اُجاگر ڪيو آهي؛ جنهن ۾ سنڌين جي تمام نامور هستين جي آزمودن جون حقيقي ڪهاڻيون پيش ٿيل آهن. ور ور ڪري پڙهڻ جوڳو هيءُ ڪتاب ’سنڌي سرويچ‘ اَسان جي پِن پِن هندوستاني جاتين جي ساهتيه ۾ انتهائي اَهم اِضافو آهي!

**شيام بينيگل**
فلم ڪار ۽ ميمبر، راجيه سڀا

# فخر جو احساس

زندگي، تعجب ۾ وجهندڙ پدارٿ ڏيندي رهي آهي ۽ سڀ کان وڏيڪ نعمت واري ڳالهه تڏهن ٿيندي آهي؛ جڏهن رام جهڙو دل گهريو سچو دوست ملي وڃي، جيڪو جيون جي ٿڪائيندڙ سفر ۾ پنهنجي آزمودن جي پنڌار سان ڀاري دل وارو بار هلڪو ڪري پنهنجي سک-درسي نظريي سان اُتساهه ڦوڪي! اَهڙو قدرتي ڏات وارو ساٿي سفر ۾ هئڻ گهرجي. رام سان منهنجي ياري اَڌ صديءَ کان به وڌيڪ عرصي کان آهي. اَسين اِسڪول ۾ ڪلاس-ڀائي ٿي مليا هئاسين. پوءِ سماج سنبڌي ڪاريه طرف هڪجهڙي چاهه سبب پاڻ ۾ وڌيڪ جُڙي وياسين ۽ ڪيترين ئي سنستائن ۾ گڏجي ڪم ڪيو اَٿئون.

اَڄ مان جڏهن ماضيءَ ڏانهن نظر ڊوڙايان ٿو ته مونکي هن دوست جي ٽن زاوين جي ساراهه ڪرڻ تي دل ٿئي ٿي. پهريون ته هو ايماندار، ڪم ڏانهن پابند ۽ پورو لڳاءُ رکندڙ آهي. مان اِهو پڪ سان چئي سگهان ٿو ته هو جڏهن به ڪو ڪم هٿ ۾ ڪٽندو آهي ۽ اُن جي بندوبست ۾ رڌل هوندو آهي، تڏهن سندس اَکين مان ننڊ غائب هوندي آهي. هو ڏينهن رات هڪ ڪري، آرام کي تلانجلي ڏيئي پيو ڪم ڪندو آهي ۽ ڪنيل ڪم جا ننڍا وڏا تفصيل پورا ڪرڻ تي سندس چهري تي ٽڪ جي بدران بي-اِنتها خوشيءَ جا آثار پيا چمڪندا آهن. هن جي ڪم ڏانهن اَهڙي پوري پوري لڳاءَ واري توفيق حيرت ۾ وجهندڙ آهي ۽ ان ڪري منهنجا ڪيس سلام آهن!

ٻيون آهي هن جو ڏانءُ ۽ قابليت! نوان نوان دوست هٿ ڪرڻ ۽ اُنهن سان زندگي ڀر نڀائڻ ! رام، سماجڪ سرگرمين دوران، عام ماڻهن جي لهه وچڙه ۾ ته ايندو آهي، پر ساڻ ساڻ جماعت جي تمام وڏين هستين ۽ اهم شخصيتن سان

پڻ پيهي ويندو آهي. ماڻهو ڪيس چاهيندا ۽ سندس عزت ڪندا آهن، جو هو اُنهن شخصيتن لاءِ سچيءَ دل سان شرڌا ۽ واسطيداري رکندو آهي. مونکي عجب ٿيندو آهي تہ ڪٿي ڪيس جادوءَ جي چڙي تہ ڪانہ آهي؛ جو سندس سڀاوَ جي سرلتا، ايمانداري ۽ لڳاءَ سبب تمام وڏيون وڏيون هستيون بہ ڏانهنس ڇڪجي اَچن ٿيون!

ٿيون آهي سندس هر وقت مددگار ٿيڻ وارو سڀاءُ! ڪيترن ئي ضرورتمندن کي هر وقت مدد ڪرڻ ۽ اُڀرندڙ ڪلاڪارن ۽ ليکڪن کي همٿائڻ ۽ هٿي ڏيڻ سان گڏوگڏ انيڪ ڪيترن ۾ ڪلائن کي پرکڻ ۽ پيش ڪرڻ! رام جي اَندر ۾ ڪيتري وقت کان هڪ ويچار-ڌارا زور پڪڙيندي رهي آهي، تہ نئين پيڙهيءَ جي نوجوانن ۾ سندن تاريخي ورثي جي ڄاڻ ميسر ڪرائڻ ضروري آهي. ’سنڌي سرويچ‘ ڪتاب اَهڙي ئي هڪ سپني کي ساڪار ڪرڻ جو نتيجو آهي.

مون تمام باريڪيءَ سان پنهنجي پياري ڀاءُ رام جوَهراڻيءَ کي جاچيو ۽ پرکيو آهي. هو گهر ۾ اَڪيلو سپتر هئڻ باوجود بہ پنهنجي پريوار جي جوابدارين کي منهن ڏيندي، ڪنن جتن پئي ڪندو رهيو آهي؛ جيئن پنهنجو وقت ۽ شڪتي پنهنجي پريوار ۽ جنتا جي ڪمن ۾ پوري پوري طرح اَرائتي ۽ ڪارائتي نموني برثواب ڪري سگهي؛ جيڪو تمام ڏکيو ۽ محنت وارو ڪم آهي. هو تمام فصيح زبان مقرر، وڻندڙ شخصيت ۽ حساس دل سڀاءَ جو مالڪ هئڻ سان گڏوگڏ هڪ سمرپت هڏ-ڏوکي ۽ صداقت جو مجسم روپ آهي.

اِهي سڀ گڻ اَڄ رام جوَهراڻيءَ کي هڪ اوچي مقام تي اُڀاري بيٺا آهن. مونکي اِها ڳالهہ فخر جو اَحساس ٿي ڏياري تہ مون زندگيءَ جا ايترا سارا سال ساڻس گڏ گذريا آهن ۽ انهن پنجاه بهارن جي گڏ گذارڻ واري عرصي ۾ سندس صحبت مان گهڻو ڪجهہ پرايو اَٿم!

- چندر ايم. منگهناڻي

# سماج لاءِ سوغات

رام جوَهراڻي هڪ ڀهوڳڻي شخصيت جو مالڪ آهي. پنهنجو ڌنڌو هجي يا سماجڪ ڪاريه، پراُپڪاري ڪارج ۾ اَخبارنويسي هجي يا ڪو به ساهتڪ عمل؛ هن پاڻ کي انهن ڪمن لاءِ سمرپت ڪري ڇڏيو آهي.

مان رام جوَهراڻيءَ کي گذريل پنجاه سالن کان سڃاڻان؛ جڏهن کان اَسين اِسڪولي جيون ۾ گڏ هئاسين. هو هڪ آبرودار ۽ سماج ۾ اَڳيرو آيل خاندان جو چشم و چراغ آهي. جئه هند ڪاليج، بمبئيءَ مان گريجوئيشن ڪرڻ وقت، پريوار جي ڌنڌي جون جوابداريون پنهنجي ڪلهن تي سنڀاليندي به هو سماجڪ سرگرمين ۾ ڪاليج وارن ڏينهن کان ئي اَڳرو پئي رهيو آهي. هرڪو سندس واکاڻ پيو ڪندو آهي. هوُ نه صرف سماجڪ ڪاريه ۾ ناليرو آهي، پر ان سان گڏوگڏ هو هڪ سنو ۽ نيڪ دل اِنسان پڻ آهي، جيڪو ڏاڍي چاه سان عام جي شيوا ڪندو آهي ۽ خاص طور سنڌي جاتيءَ لاءِ هن پنهنجي سنسٿا ’سهيوگ فائونڊيشن‘ معرفت سماج جي ڪيترين ئي ڪرسمن؛ نشيپتي ۽ ڏيتي ليتي وغيره خلاف قدم پئي کنيا آهن.

هن فلمي هستي ۽ لوڪ سڀا ميمبر، شري سنيل دت جي مدد سان نائين ڏهاڪي جي شروعات ۾ ’هم ايڪ هئن‘ هلچل هلائي هئي. هن سنڌي جاتيءَ جي يڪمشتيءَ لاءِ ۲۰۰۵ع ۾ ’ ٻارهون اَنتر راشٽريه سنڌي سميلن ‘ جو پورو بندوبست ڪيو هو؛ جڏهن ته پنهنجن ساٿين کي پاڻ سان جڪڙي نيون راهون پيدا ڪرڻ جي رام جوَهراڻيءَ کي مليل توفيق مان نيتائن واري خاصيت پڻ نمودار ٿئي ٿي.

ڪلا، سپيتا ۽ ساهتيہ کي وڌيڪ اُجاگر ڪرڻ لاءِ جوَهراڻيءَ نائين ڏهاڪي ۾ هڪ اَنگريزي رسالي ’سهيوگ ٽائيمس‘ جو ڏه سال ڪن سمپادن ڪيو ۽ ان حيثيت ۾ ڪيترائي بهترين ليک لکي وقتائتو پيغام پئي ڏنو. ان طرح ’سهيوگ ٽائيمس‘ نئين ٽهيءَ جي نوجوانن ۾ هندوستان جي ڀرپور سپيتا لاءِ ڪيتري جاڳرتا پيدا ڪئي.

رام جوَهراڻيءَ جي سڀ کان وڏي ۾ وڏي حاصلات اِها آهي، جو هن پنجاه کن سنڌين جي نامور هستين جون سؤ کن ملاقاتون دوردرشن ٽي.وي. چينل تان نشر ڪيون آهن. جڏهن کان رام انهن ملاقاتن ذريعي سنڌين جي تاريخ درج ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن کان مون کيس سک سمهندو نہ ڏٺو! اُهي ملاقاتون سنڌين جي سنڌ ڇڏڻ جي تاريخ سان گڏوگڏ اَڄ جي نئين هندوستان جي ڪاميابين ۾ حصيداريءَ واري سفر جو بيان پڻ آهن.

هن اُهي سڀ ملاقاتون جوڙيندي هيءُ ڪتاب ’سنڌي سرويچ ‘ مرتب ڪيو آهي؛ جيڪو تمام ڪارگر ڄاڻ ميسر ٿو ڪرائي. ان ۾ سنڌين جي ورهاڱي، وڏي ۾ وڏي سرحد پار واري لڏپلاڻ ۽ روزمره جي پناهگيرن واري زندگيءَ جو احوال پڻ قلم بند ڪيل آهي. اهڙو لاثاني ڪاريہ پنهنجو پاڻ ۾ ئي رام جوَهراڻيءَ جي دوردرشتي ۽ دورانديشيءَ کي ظاهر ٿو ڪري!

شال ايشور رام جوَهراڻيءَ کي سني صحت ۽ وڏي آورجا بخشي؛ جيئن هو ساڳئي جنون، اُتساه ۽ سرگرميءَ سان پوري اِنسان ذات جي شيوا ڪندو رهي!

**هرداس ماکيجا**
سابق ميئر،
اُلهاس نگر ميونسپل ڪارپوريشن